ڊاڪٽر احسان دانش

# شاهه لطيف کان اڳ واري اساسي شاعريءَ جو سماجي اڀياس

**Dr. Ahsan Danish**

***Abstract:***

## Social Analysis of Sindhi Classical Poetry: Prior to Shah Latif

*We find a few and countable number of poets when we look at the classical poetry of the Pre-Shah Abdul Latif era in Sindhi literature. That too, most of their works are incomplete in terms of data for the literary and critical researchers to understand and explore. The most prominent poets of Pre-Shah Abdul Latif era are Kazi Kadan, Shah Karim, Shah Lutf Ullah Qadri, Miyon Shah Inayat and Miyon Eso. Shah Abdul Latif's poetry seems strongly influenced by these early classical poets.*

*When we look into the poetry of these classical poets, it helps to understand and reflects on the religion and mysticism along with social consciousness of the time. The symbolic meanings and signifiers used by these poets in their poetry depict and highlight to both the positive and negative social norms and values. They seem to highlight and reflect upon the positive characters and exposed the evil ones.*

*Against this backdrop, this paper looks into the social analysis of these early classical poets of Pre-Shah Abdul Latif era. The main objective of this paper is to understand the early classical Sindhi poetry and its contribution in the social formation of Sindhi society.*

**شاهه** عبداللطيف کان اڳ واري اساسي شاعريءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪانئس اڳ سنڌي ٻوليءَ جي محافظ شاعرن جو انگ آڱرين تي ڳڻڻ جيترو آهي، جن مان به اڪثر شاعرن جو ڪلام اڌورو ۽ اڻپورو ملي سگهيو آهي. گمان آهي ته ڀٽائي کان اڳ واري دور جي ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام وقت جي طوفانن ۾ تيلو

تيلو ٿي ويو هوندو. تاريخ جا ورق ورائيندي، اڪثر ڪري سنڌ اسان کي ڌارين ۽ غاصبن جي چنبي ۾ نظر اچي ٿي. سمن جي صاحبيءَ کان ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪمراني تائين سنڌي ماڻهو ڌارين هٿان جهڙيءَ ريت پيڙبو رهيو آهي، برصغير جي تاريخ ۾ ان جو مثال نه ٿو ملي. خاص طور اهي سمورا حڪمران جيڪي سنڌ تي ڌاڙ ۽ ڌمر بڻجي ڪڙڪيا، انهن سڀ کان پهريان ڌرتيءَ جي صوفي سنتن ۽ عالمن کي ئي پنهنجي ڌاڙ جو نشانو بڻايو، ڇوته وٽائن شعور جون شمعون روشن ٿي رهيون هيون. تنهن ڪري محسوس ٿئي ٿو ته سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ شاعرن جو علمي ۽ شعري خزانو انهن سفاڪ وحشين جي لتاڙ جو شڪار ٿي صفحهءِ هستي تان مٽجي ويو هوندو. شاهه لطيف جي پيش رو جن سنڌي شاعرن جو ڪلام زماني جي گردشن مان بچي ڀٽائي جي هٿن تائين پهتو ۽ هن سندن ڪلام ۽ پيغام کي هيئنئين سان هنڊايو، انهن ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت ۽ ميون عيسو خاص طور قابلِ ذڪر آهن. ڀٽائي جي شاعريءَ تي انهن شاعرن جو گهرو اثر نظر اچي ٿو. حقيقت ۾ اهي شاعر سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جا بنيادي ٿنڀا آهن، جن تي ئي اڳتي هلي شاهه سائين پنهنجي فڪر جي عظيم عمارت کڙي ڪئي. تنهن ڪري اسين شاهه سائين جي فڪر ۽ فلسفي کي تيسيتائين پُرجهي ۽ پروڙي نه ٿا سگهون، جيسيتائين انهن شاعرن جي ڪلام جو جائزو نه ٿا وٺون.

جڏهن اسين ڀٽائي کان اڳ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي ڳالهه ڪيون ٿا ته لفظ ڪلاسڪ خود هڪ سوال بڻجي ٿو، جنهن جو جواب ادب جي ڊڪشنرين ۾ موجود آهي. ان جي تفصيل ۾ وڃڻ بدران ايترو ڪافي آهي ته "ادب ۾ اها تخليق ڪلاسيڪيت جو درجو ماڻيندي آهي، جيڪا زمان ۽ مڪان جي حدن کان اتاهين هجي، يعني اها ڪنهن هڪ دور لاءِ نه پر سڀني زمانن لاءِ هجي." تنهن ڪري "ڪلاسيڪي ادب اهو آهي، جنهن ۾ آفاقيت ۽ ابديت هجي. اهو ڪنهن هڪ دور يا ملڪ لاءِ مخصوص يا محدود نه هجي، پر هر دور ۾ وقت جي ڪسوٽيءَ تي پورو بيهي. ان ۾ فطرت جي عڪاسي هجي ۽ انساني مزاج ۽ فطرت جي ترجماني هجي. حقيقت پسندي ۽ جدت پسندي هجي. ان ۾ صداقت ۽ خلوص هجي، ان ۾ مستقل دلڪشي ۽ تاثير هجي، ان ۾ فڪري ۽ فني توازن هجي ۽ ان ۾ اهڙي ڪشش

هجي، جنهن جو اثر، رنگ قوم ۽ نسل کان آجو هجي... ڪلاسيڪي ادب ۾ اخلاقي قدرن جو به خاص خيال رکيل هوندو آهي.” (1)

ڊاڪٽر اياز قادري جي لفظن ۾ ”ڪلاسڪ جو تعلق وقتيت ۽ قدامت سان گهرو آهي. اهڙا شاهڪارا ۽ تخليقون جن ۾ وقت کي مات ڪرڻ جي قوت آهي، ڪلاسڪ ڪوٺجن ٿا. ايران ۾ فردوسيءَ جو شاهنامو، روميءَ جي مثنوي، حافظ جا غزل، انگلينڊ ۾ شيڪسپيئر جا ڊراما، ڀارت ۾ ڪاليداس جي شڪنتلا، سنڌ ۾ شاهه جو رسالو ۽ سچل جو ڪلام ڪجهه اهڙا شاهڪارا آهن، جن وقت کي مات ڪري ڇڏيو آهي.” (2)

سنڌي ٻوليءَ ۾ قاضي قادن کان شاهه لطيف ۽ ڪانئس پوءِ تائين جيڪي چند ڪلاسيڪل شاعر نظر اچن ٿا، انهن مان ڪن جا نالا مٿي ظاهر ڪيا اٿم.

ڪلاسيڪل شاعر پنهنجي لافاني ۽ لاثاني ڪلام ۾ اهڙا ته موضوع ۽ خيال، جذبا ۽ احساس پيش ڪن ٿا جو اهي سندن شخصي تجربن تي ٻڌل هئڻ باوجود زمان ۽ مڪان جون حدون اورانگهي، سموري انسان ذات جا مجموعي تجربا محسوس ٿيندا آهن ۽ انهن ۾ موجود گوناگون مضمون ۽ موضوع، خيال ۽ فڪر جي گهرائي، اڌمن ۽ احساسن جي اونهائي، سچ ۽ اسلوب جي سونهن ۽ سچائي هر دور جي هر خطي لاءِ ساڳي حيثيت ۽ حظ رکي ٿي. اهڙين تخليقن ۾ شاعرن جي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جون قديم روايتون، سندن سڀيتا ۽ ڪلچر، تاريخ ۽ تمدن جي عظمت جا عڪس هوندا آهن، پر جيڪڏهن غور ڪبو ته اهي سموري انساني تهذيب جي تاريخ جا عڪس پيا محسوس ٿيندا (3)

سنڌي ٻوليءَ جي مذڪوره ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعري ۾ به اهي خوبيون ملنديون، پر سندن شاعريءَ جو مرڪز ۽ محور گهڻو ڪري تصوف جي رمزيت آهي. ڇوته تصوف خود هڪ عالمگير موضوع آهي، تنهن ڪري سندن ڪلام جو دائرو وسيع ۽ آفاقي آهي.

شاهه لطيف کان اڳ واري اساسي شاعري پنهنجي دور جي علمي ۽ مذهبي حالتن کان گهڻو متاثر نظر اچي ٿي. هڪ پاسي سنڌ ۾ مختلف صوفياڻين تحريڪن جو وارد ٿيڻ ۽ ٻئي پاسي فارسي زبان جو غلبو جنهن ۾عطار، رومي، جامي، حافظ ۽ سعدي جهڙن وڏن شاعرن جو صوفياڻو ڪلام اڳ ئي موجود هيو، ان دور جي سماج تي

مجموعي طور گهڻو اثر وڌو ۽ سنڌ جي شاعرن به انهيءَ موضوع کي پنهنجي شاعريءَ ۾ مرڪزي حيثيت ڏني. تنهن ڪري ان سموري عرصي ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ زهد، تقوى، شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جي منزلن، وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي نظرين توڙي تصوف ۽ سلوڪ جي ٻين پهلوئن جو گهڻو ذڪر ملي ٿو. "سنڌ ۾ تصوف جي ارتقا کي ٻن واضح دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اوائلي دور کي جيڪڏهن اٺين صدي هجري يا چوڏهين صدي عيسوي تائين محدود ڪجي ته ان ۾ درويشي، زهد ۽ فقر تي گهڻو زور هو ۽ صوفي بزرگ پاڻ ان جو عملي نمونو هئا. ٻئي دور ۾ صوفي فڪر داخل ٿئي ٿو، جنهن جي شروعات قاضي قادن سان ٿئي ٿي ۽ شاهه ڪريم ۾ ٻنهي روايتن جو سنگم نظر اچي ٿو (4)

ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي ته " (قاضي قادن) سنڌي اساسي شاعريءَ جو ابو هو. سندس بيتن جا مختلف موضوع، موزون ۽ موثر الفاظ ۽ اصطلاح، سندس بيتن ۾ سمايل فڪر ۽ خيال سڀ نوان ۽ تازا آهن، جيڪي ان کان اڳ نظر نه ٿا اچن، ۽ جيڪي پوءِ ٻين وڏن شاعرن جهڙوڪه شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف لاءِ مثالي نهج ۽ نمونو بڻيا." (5)

قاضي قادن پنهنجي دور ۽ سماج جي ذهني لاڙن توڙي مروج موضوعن سان گڏ سنڌي شاعريءَ ۾ نوان فڪري لاڙا به متعارف ڪرايا. هو پهريون شاعر هيو جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ سماج جي اهم ڪردارن جوڳين ۽ سنياسين، گهاتن ۽ ڪاهوڙين جو ذڪر آندو. ان کان علاوه هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا رومانوي داستان سُرن جي شڪل ۾ ڪٿي نه ٿا ملن، پر مختلف بيت انهن مان ڪن داستانن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. جيئن هيٺيون بيت ڏسو، جيڪو جڻ سُر سسئيءَ جو پيو پانئجي.

لڳي وڄان پير، دانهان ڪندي ڏونگر،
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هئون ڏکٽي.

قاضي قادن ان وقت جي قصيده گوئي ۽ قصيده خوانيءَ واري درٻاري شاعري ۽ مذهبي پرچارڪن جي پرچاري شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ڏئي، سنڌي شاعريءَ کي ادبي معيار عطا ڪيو. هن سنڌي

شاعريءَ کي چارڻن ۽ ڀٽن جي قصيدن ۾ سمايل مبالغي جي ڏبڻ مان ڪڍي، ان کي فڪر ۽ فلسفي جي پڪي پختي زمين تي آندو ۽ ان کي اهو آڌار ڏنو، جنهن تي اڳتي هلي اساسي (ڪلاسيڪي) سنڌي شاعريءَ جي عمارت کڙي ٿي (6)

قاضي قادن جي شاعريءَ جو بنيادي موضوع تصوف ۽ ويدانيت جي رمزن جي اُپٽار ئي آهي، پر اسين سنڌس دور جي سماجي حالتن کي ڌيان ۾ رکندي، جڏهن سنڌس شاعريءَ جو بغور مطالعو ڪريون ٿا ته ان ۾ علامتي انداز سان ڪيئي سماجي عڪس ۽ اولڙا به نظر اچن ٿا. جيئن سنڌس بيت آهي:

نه ڪاءِ پاڻي منجهه، ٻاٻيها ٻڏي مُوئا،
جي تـو پـوي سمنجهه، تان تون
ڪيرو نه ٿئين.

هن بيت ۾ سماج جي انهن ڪردارن ڏانهن اشارو آهي جن ڪڏهن به پنهنجي اصولن تي سودو نه ڪيو. ٻين لفظن ۾ پنهنجي دور جي ڏاڍ اڳيان هنن سر تسليم خم نه ڪيو، ڇو ته هو پنهنجن اصولن ۽ ارادن ۾ مضبوط هيا. اهڙا ماڻهو سماج ۾ مروج غلط ريتن جا مخالف هوندا آهن ۽ سندن ڪردار پٽائي جي ان سٽ جهڙو هوندو آهي ته "جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار." مٿئين بيت ۾ اهڙي ماڻهوءَ جي تمثيل "ٻاٻيهي" سان ڏني وئي آهي، جيڪو پاڻي ۾ رهڻ جي باوجود ڪڏهن پاڻي نه پيئندو آهي، ڇوته هن کي رڳو برسات جي پاڻي جي آس هوندي آهي. سماج جا اهي فرد جيڪي ظلم جي رات ۾ تڪليف برداشت ڪري ڏاڍ سان منهن مقابل ٿي روشن سج جا منتظر هوندا آهن، اهي پڻ حقيقت ۾ انهيءَ ٻاٻيهي وانگر هوندا آهن. قاضي قادن مٿئين بيت ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن توکي انهن ماڻهن جي اصل انقلابي ڪردار جي پروڙ پئجي وڃي ته تون ڪڏهن حيران نه ٿيندين.

جي تل ٽٽو ٽُلهڙي، ساير منجهه
ٿيانهه،
ڪر ٻانهان پاٽيچيان، مَ ڪر سڌ
پيانهه.

هن بيت ۾ ٻيڙي جو ٽٽڻ اصل ۾ سماج جي ٽٽڻ ۽ پرڻ جي برابر آهي. هي بيت قاضي قادن جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ چيل ٿو ڀانئجي،

جڏهن سنڌ تي ارغونن جي يلغار ٿي هئي. ٻيڙي جو ٽٽڻ ۽ سمنڊ ۾ لڙهڻ، ان دور جي سماجي ڍانچي ۾ سنڌي ماڻهوءَ جي ڪچلجڻ ۽ پيڙجڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هن بيت ۾ اهڙين حالتن مان نڪرڻ لاءِ ٻئي جو آسرو ڪرڻ بدران پاڻ تي ڀاڙڻ واري سجاڳيءَ جو سنيهو سمايل آهي. مذڪوره بيت ۾ اسان کي قاضي قادن هڪ سجاڳ ذهن انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر طور نظر اچي ٿو.

مکڻ مکي ان کي، ملان ڪُتي کين،
پڇ ڪڏهين پي تـن کي، هـو جي رب گهرن.

مٿئين بيت ۾ سماج جي طبقاتي نظام ڏانهن اشارو آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان دور جي سماج ۾ اعلى طبقو رڳو اقتدار جي ٻل تي قائم نه هيو پر مذهب جي بنياد تي به طبقاتي ورڇ موجود هئي. مذهبي علم کان وانجهيل کي قابلِ نفرت تصور ڪيو ويندو هيو، نتيجي ۾ ان دور جي موجود سماجي نظام ۾ غريب هڪ ڏتڙيل طبقي طور نظر اچي ٿو. اهو سماج جتي هڪ ملو مکڻ جون ڪُتيون ٿو کائي، پر ٻئي پاسي ڪنهن غريب ۽ اٻوجهه ماڻهوءَ جي ڪوئي سار لهڻ لاءِ تيار نه آهي، جيڪو رب تي گذارو ڪري ٿو.

شاهه ڪريم سنڌ جي مشهور رومانوي داستانن مان سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار جي ڪردارن جي ذريعي به پنهنجو فلسفو بيان ڪيو آهي. سنڌي شاعرن جي اها روايت پڻ پهريون ڀيرو ظاهر ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪهاڻي کي بيان ڪرڻ يا ورجائڻ بدران صرف انهن واقعن ڏانهن اشارو ڏنو ويندو آهي، جيڪي مقصد جي وضاحت لاءِ ضروري هجن. ان ڪري شاعريءَ جو انداز تمثيلي ۽ علامتي ٿيو پوي. سنڌ جي سمورن ڪلاسيڪي شاعرن شاهه لطيف سميت، انهيءَ انداز کي اختيار ڪيو آهي. تنهن ڪري اها چڻ ته سنڌي شاعريءَ جي روايت بڻجي ويئي آهي (7)

شاهه عبدالڪريم پنهنجي شاعريءَ ۾ جن موضوعن ۽ مضمونن جي چونڊ ڪئي، اهي اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ لاءِ بنياد بڻيا ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن موضوعن ۾ وڌيڪ رنگ ڀريا. تنهن ڪري شاهه ڪريم جي

شاعريءَ ڪي شاهه لطيف جي شعري روايتن جو سرچشمو تصور ڪرڻ ڪپي.

شاهه ڪريم، ارغوني ڏاڍ، ترخاني استبداد ۽ مغليه ظالماڻي روش ڪي اکئين ڏٺو. مقامي ماڻهو سندن ڏاڍ ۽ ڏمر جي ڏونگرن هيٺان دبيل هيا. اهو دور زبان بنديءَ جو دور هيو ۽ سماج ۾ هڪ وڏو انتشار ۽ بيچيني هئي. پنهنجي دور جي انهن سماجي ۽ سياسي حالتن شاهه ڪريم کي پڻ بيحد متاثر ڪيو ۽ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف بيتن اندر اهڙين حالتن ڏانهن اشارا به ڪيا آهن. جيئن:

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙيئي،
هيڪائين هيڪ ٿئو، ويئي سڀ جهت،

مٿئين بيت ۾ سائر کي ڏاڍ جي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي. شاهه ڪريم جڏهن سنڌ تي سماجي بي انصافي ۽ ظلم جي درياهه کي ڏوڪيندي، ڌرتيءَ جو چپو چپو تاراج ٿيندي ڏٺو ته سندس حساس دل تڙپي پئي. هو بيت جي لفظي علامتن جي تهه ۾ فرمائي ٿو ته ڌارين جي ظلم جي ان ٻوڏ سنڌ جي سونهن ۽ سپيتا کي ٻوڙي ڇڏيو.

ڪلاچيءَ ڪُنا، موتي ڪونَ آئيو،
ڪنين رڇ وجائيا، ڪنين توبهه تائُ.

هن بيت ۾ ڌارين جي ڏاڍ ۽ عقوبتن جو قصو ورجايل آهي. ’ڪلاچي جو ڪُن‘ سندن دهشت ۽ وحشت ڏانهن اشارو آهي. شاهه ڪريم فرمائي ٿو انهن وحشي درندن هٿان ڪوبه بچي نه سگهيو آهي (ڇوته سندن وحشتون به ڪلاچيءَ جي ان ڪُن وانگر ئي هيون ،جنهن ۾ ڦاسڻ کان پوءِ، ڪنهن جو بچي نڪرڻ محال آهي.) سندن ظلم ۽ ڏاڍايون ڏسي کي ته پنهنجي حقن تان به دستبردار ٿي ويا ۽ سندن اڳيان ڏکندي ڪنبندي توبهن تائب ٿيا. اهڙي ئي سماجي عڪاسي ۽ ڪلاچيءَ جي ڪُن واري علامت وارو هڪ ٻيو بيت به آهي:

ڪُنَ ڪلاچيءَ پار، سڌ نه سڄي ساٿيين...

شاهه ڪريم جو پنهنجي دور جي سماجي پچار جي حوالي سان هي بيت پڻ اهميت وارو آهي ته :

هنج تتهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهه جو،
اي ڪانئيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

هت ’هنج‘ سماج جي انهن بهادر ڪردارن جي علامت آهي، جيڪي مصيبتن سان منهن مقابل ٿيڻ جا هيراڪ هوندا آهن. بلڪه هنن کي انهن ڏکيائن ۾ رهندي لطف ايندو آهي. جيئن هنج جي نظر سدائين ڪنهن اوڙاهه جي تلاش ۾ هوندي آهي تيئن ئي هڪ سورهيه ميدانِ جنگ ۾ سينو تاڻي دشمن سان منهن مقابل ٿيندو آهي. شاهه ڪريم جو دور سماجي ابتري جي انتها تي پهتل هو، جتي ڌرتيءَ ڌڻين کي غلامي جا طوق پارايا ويا هئا. اهڙين حالتن ۾ شاهه ڪريم انهن جوانن کي ياد ڪيو آهي جيڪي سينواريل سماج تبديل ڪري سگهن ٿا ۽ ڪانئيرو اهو ڪانئر آهي جيڪو ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيسبو رهندو ۽ پاڻ کي ان جو عادي بڻائي ڇڏيندو آهي. اهڙو ماڻهو ذهني طور هميشه غلام رهندو آهي. شاهه ڪريم جو هي بيت پنهنجي سماج جي ڏاڍي ڇٽي تصوير پيش ڪندڙ آهي. اهڙو ئي هڪ ٻيو بيت هن طرح آهي:

ڇاڇر ڇڳيرن، گهور نه اچي گهاتوئين،
اکيون انين سنديون، ڪڏا ڪرون پچن.

شاهه ڪريم کان پوءِ اسين جڏهن شاهه لطف الله قادري جي ڪلام تي نظر وجهون ٿا ته ان ۾ روحاني معنائن جا پندار موجود ملن ٿا. پر سندس انهن بيتن کي به نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي، جن ۾ هو پنهنجي دور جي ڪرب کي پيش ڪري ٿو. اسان کي ڌيان ۾ رکڻ کپي ته شاهه لطف الله جو دور به سندس اڳين شاعرن جي دور کان مختلف نه آهي. ان دور ۾ به فارسي زبان کي ئي عزت ۽ اهميت جي نگاهه سان ڏٺو پئي ويو، پر تنهن جي باوجود شاهه لطف الله پنهنجي ڪلام ۽ پيغام لاءِ ڌرتيءَ ڌڻين جي زبان يعني ’سنڌي‘ جي چونڊ ڪئي. ان کان علاوه مغل حڪمرانن جي غاصبيت سبب هن پنهنجي شاعريءَ کي هڪ طرف روحاني رمزن تائين محدود رکيو ته ٻئي پاسي علامتي نموني پنهنجي سماج جو عڪس به پيش ڪيو ۽ ان طرح هن پنهنجي

پيش رو شاعرن جي تقليد ڪئي. شاهه لطف الله قادري جي ڪلام ۾ ساموندين ۽ ناکئن، ڪاهوڙين، جوڳين، سناسين، ڪاپڙين ۽ آديسين جو ڪافي ذڪر ملي ٿو. جنهن وسيلي هن، راههِ حق جي تلاش لاءِ جستجو جو سبق ڏنو آهي. هن جي انهن ئي بيتن مان سندس شاعريءَ جي سماجي ڪارج جا اهڃاڻ به ملن ٿا. مذڪوره سمورا ڪردار سماج جا متحرڪ ڪردار آهن، جن وٽان جيئڻ جو سليقو سکي سگهجي ٿو. هو سفر جي تڪليفن کان ڪيٻائڻ بنان پنهنجي منزل جا متلاشي هوندا آهن. اهڙا ئي ڪردار سماج جا آئيڊيل ڪردار هوندا آهن. مثال طور هيٺيون بيت ڏسو:

ماءِ! جوڳي آئيا، تان ڪين وٺن ويهڻُ،
اُنِ نانگن نيڻَ ڪڪورئا، ڏوري ڏونگر ڏيهڻُ.
سي پين رات پُر ڪئو، اوتين آب اڇيهڻُ،
سُک چڏي ساٿيهه، اُوءَ هلئا وڃن حق ڏُونهه.

هن بيت ۾ هڪ جوڏي جي جوءِ پنهنجي آيل کي ٻڌائي ٿي ته اهي جوڳي جيڪي سدا جوڳ ۾ رهن ٿا ۽ جهڙوڪر هڪ آزاد ۽ خود مختيار سماج جي تعمير لاءِ جاکوڙين ٿا، سي پنهنجين ونين سان پل به ويهڻ لاءِ تيار نه آهن. هو ڏونگرن جو پنڌ ڪن ٿا ۽ سندن نيڻ ڪڪوريل آهن. اهي پُر جام پيئن ٿا ۽ اڻ ڪٿيو پيئن ٿا، اهي جام جستجو جا جام آهن، ان ڪري ئي هو وطن جي سُک کي تياڳي سچائيءَ جي راهه جا پانڌي ٿين ٿا. اهڙو ئي هڪ ٻيو بيت آهي ته:

ماٹڪ ڏئي مٹئا، ڪُنر ڪاپڙين،
ڪو مَ چوءِ ته ڌتئا، ڪٹئو سناسين،
هلئا جي حق ڏونهه، ٻيون ڏيئي ٻن،
ٻئا ڪوهه ٻجهن، منجهان تني ڪاپڙيين.

انقلابي ۽ آدرشي ماڻهو پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ وڏي کان وڏي تڪليف برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن، هو ظاهري ناهه نوهه

جي پرواهه نه ڪندا آهن، هو تن جو مير تڏهن ئي لاهيندا آهن، جڏهن هو پنهنجي منزل ماڻي وٺندا آهن ۽ منزل جي حاصلات کان اڳ ۾ ڪين ويهڻ وهه لڳندو آهي. اهڙا ئي ماڻهو سماج ۾ تبديليءَ جا نقيب هوندا آهن.

نه ڪين هيٺ، نه بيٺ ڪين، نه ڪي ڪَنِ ويس،
سامِيئڙن سُويس، وئا وسري پانهنجا.

سنڌي شاعريءَ جي ارتقا واري سلسلي ۾ شاهه عنات چڻ ته شاهه ڪريم ۽ ڀٽائي صاحب جي وچ واري عرصي جي تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو ۽ سنڌي شاعريءَ جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان هو انهي وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر هو (8) عرصي جي لحاظ کان شاهه عنات، ڀٽائي جو سڀ کان ويجهو هم عصر شاعر هيو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته شاهه لطيف سندس شاعريءَ جا گهرا اثر قبول ڪيا. شاهه عنات رضوي، سنڌي اساسي شاعري ۾ هڪ نواڻ پسند شاعر طور نظر اچي ٿو. هن پنهنجي دور ۽ ان کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ مروج لوڪ قصن سان گڏو گڏ ڪيترن ئي نون قصن کي به پهريون ڀيرو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳايو آهي. انهن قصن جي اوٽ هن پنهنجي دور جي سماجي قدرن ۽ حالتن کي ظاهر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هن پنهنجن اڳين شاعرن جي فڪري تقليد به ڪئي آهي، پر سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي نوان نڪور موضوع ۽ مضمون به نظر اچن ٿا. هن جو ڪلام رڳو تصوف ۽ وحدانيت تي مشتمل نه آهي، پر هو مجازي عشق ۽ حسن جي ڳالهه به وڏي واڪي ڪري ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ مٽي سان محبت ۽ وطن دوستي جا عڪس ۽ اولڙا به نظر اچن ٿا ته سماج جا انوکا ڪردار پڻ. شاهه عنات جي شعرن ۾ هڪ طرف ابوجهه ۽ اگلڙا آهن ته ٻي پاسي سخي ۽ ڏاتار. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي جي راءِ مطابق ”شاهه عنات جي بيتن ۾ مضمون ۾ رنگا رنگي ۽ تنوع آهي. تصوف ۽ اخلاقيات جا مضمون به ملن ٿا ته حسن و عشق ۽ هجر و وصال جو بيان به نظر اچي ٿو. سنڌ جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي تصوير به ملي ٿي، ته معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو احوال به ملي ٿو.“ (9)

هن سرَ آئي ڪو، آبَ اُجيو نه رهي،
راءَ وٺ رهي جو، تنهن ڪـي جُڪي
جانڪيتان نه ٿئي.

مٿئين بيت ۾ ان سخي ۽ ڏاتار جو ذڪر آهي، جيڪو رڃو ڏيڻ چاٽي ٿو، جنهن جي در تان ڪو خالي نه ويو آهي، جنهن وٽ لوڪ جي ڏک ۽ درد جو دارون آهي. اهڙا ڪردار سماج جا آئيڊيل ڪردار هوندا آهن. جڏهن ماڻهو معاشي تنگي ۽ بدحالي سبب عجيب جوکم جو شڪار بڻجي سماج ۾ ذڪار جي لائق ٿي ويندو آهي ته ڪين ڪنهن اهڙي سهاري جي ضرورت پوندي آهي جيڪو سندن درد جو دافع ٿئي ۽ من جي مونجهه ختم ڪري. اهڙي حالت ۾ منجهيل ماڻهوءَ جي مدد ڪندڙ سخي مرد ڪنهن شفاف تلاءَ وانگر لڳندو آهي، جتي ڪيترائي اُجا پنهنجي اُڃ اُجهائيندا آهن.

شاهه عنات جو سُر مارئي مٽيءَ سان محبت ۽ وطن دوستيءَ جي حوالي سان هڪ پرپور سُر آهي، جنهن ۾ هن مارئي کي هڪ مثالي ڪردار طور پيش ڪيو آهي ۽ حب الوطني جي اعلى سماجي قدر کي پرپور نموني اپاريو آهي. مارئيءَ جو روح پنهنجي مارن لاءِ سڪي ٿو ۽ هوءَ آخري پل تائين پنهنجي لوئي ۽ لڄ جي حفاظت لاءِ پتوڙيندي رهي ٿي. اهڙي ريت شاهه لطيف به سُر مارئي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نهايت اعلى نموني پيش ڪيو آهي. شاهه عنات جو هيٺيون بيت سُر مارئيءَ جو هڪ اهڙو بيت آهي جنهن ۾ مارئيءَ جي پنهنجي مارن لاءِ سڪ ۽ اڪير کي پلي پٽ محسوس ڪري سگهجي ٿو.

هڏ هي روح رڃون، منهنجون ماروئڙن سان،
اُني ري، عنات چئي، جدا ڪين جئان،
پَــلـُرُ شـال پئــان، وجــي ويڙيچن سين.

سماج ۾ چڱا ۽ مٺا ڪردار گڏ گڏ هوندا آهن. جتي عمر بادشاهه جيان ٿر جي مارئي کي ڪوٽن ۾ قيد ڪندڙ حڪمران به نظر ايندا ته جکري جهڙا انسان دوست ۽ سخي مرد پڻ. مختصر اهو ته معاشري ۾ هڪڙا ماڻهو ڏيندا آهن ته ٻيا وري ڏکائيندا آهن. شاهه عنات جي

هيٺئين بيت ۾ سماج جي هڪ اهڙي ڳٽائتي انسان جو ذڪر آهي، جيڪو ٻين جي خطائن کي درگذر ڪري ٿو.

اسين اُهي ئي، جي ڏريان آنهنجا ڏاريا،
آوڳڻ ڪري، عنات چئي، آيا سون پيهي،
سڄڻ سپيئي، اوڳڻ مٿائي ڳڻ ڪرين.

مٿئين بيت کي ڪو روحاني رمزن جو ڇاٽو پلي خدا ۽ بندي جي رشتي سان جوڙي، پر حقيقت ۾ شاهه عنات ان بيت ۾ انسان کي انسان جي سامهون بيهاريو آهي. هي سماج ئي آهي جيڪو انسان کي سُٺو ۽ برو بڻائي ٿو، اهو معاشرو ئي آهي جتي ماڻهو هڪ ٻئي جو ڏوهي ٿئي ٿو ۽ پنهنجن جي دل ڏکائي ٿو. اهي ماڻهو عظيم هوندا آهن جيڪي پنهنجن جي خطائن کي در گذر ڪندا آهن. مٿئين بيت ۾ شاهه عنات ماڻهو جي احساس جرم جي اعتراف واري ڪيفيت کي بيان ڪيو آهي ۽ سماج جي ان فرد مان چڱائي جي توقع رکي آهي، جيڪو بااختيار آهي ۽ اوڳڻ مٿائي ڳڻ ڪري سگهي ٿو.

شاهه لطيف کان اڳ واري اساسي شاعريءَ جي حوالي سان پيش ڪيل هن مختصر سماجي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جي پيش رو شاعرن وٽ مذهب ۽ تصوف جي رمزيت سان گڏو گڏ ڪيترو سماجي شعور موجود هيو. زبان بنديءَ جي دورن ۾ انهن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ علامتن ۽ اشارن وسيلي سماج جي ڪيترن ئي مثبت ۽ منفي سماجي قدرن کي پرپوريت سان پيش ڪيو آهي ۽ سماج جي سماني ڪردارن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ معاشري جي ڪڌن ڪردارن جي پڙ پت وائکي ڪئي آهي.

(مقالي ۾ قاضي قادن جا بيت ”قاضي قادن جو ڪلام“ مان، شاهه ڪريم جا بيت ”بيان العارفين وتنبيه الغافلين“ ۽ ”شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام“ مان، لطف الله قادري جا بيت ”شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام“ مان ۽ شاهه عنات جا بيت ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“ مان ورتا ويا آهن.)

**حوالا:**

1. ميمڻ عبد المجيد سنڌي ڊاڪٽر، ”لطيفي لاٽ“، مهراڻ اڪيڊمي، 1991 ص 9 ۽ 10

2. قادري اياز،" مشعلِ اياز"، قادري قلم قبيلو ڪراچي / لاڙڪاڻو 2007، ص 119 120
3. فهميده حسين ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1993 ص 142
4. سومرو عبدالغفار ڊاڪٽر، (تحقيق، ترجمو ۽ تشريحي حوالا) "بيان العارفين وتنبيهه الغافلين."، (سيد عبدالڪريم شاهه بلڙي واري جي ملفوظات) حڪومتِ سنڌ اوقاف کاتو حيدرآباد، 2002 ص 14 ۽ 15
5. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، "قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾" (قسط 2) (مقالو) ٽه ماهي "مهراڻ" جنوري، فيبروري، مارچ 1979 ص 149
6. ٺڪر هيرو ،"قاضي قادن جو ڪلام"، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، مئي 1979 ص 108
7. فهميده حسين ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1993ع، ص 149
8. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، "مبين شاهه عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، 1963 ص 78
9. سنڌي عبدالمجيد ميمڻ ڊاڪٽر، "لطيفي لات ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو گڏيل اڀياس(ڇاپو ٻيو)"، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 1996 ص 109 ـ 108